بُري صحبت جو وبال

10/26/2017

هفتيوار سنتن پري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنَتن پريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

بُري صحبت جو وبال

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتكاف جي نيّت ڪئي)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتكاف جي نيت ڪري ونو، چوته جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتكاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي به شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتكاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي ويندیون. اعتكاف جي نيت به صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. "شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتكاف جي نيت ڪري، ڪجهه دير ذِكرُالله ڪري پوءِ جيڪو چاهي ڪري (يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو) .

دُرُودِ پاڪ جي فضيلت

سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب وسينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: اَوْلَى النَّاسِ بِي يَوْمَ الْقِيامَةِ اَكْثَرُهُمْ عَلَيَّ صَلَاةً يعني قِيامَت جي ڏينهن ماڻهن ۾ سڀ کان گهڻو منهنجي ويجهو اهو شخص هوندو، جيڪو سڀ کان وڌيڪ مون تي دُرُود شريف پڙهندو هوندو. (ترمذي،كتاب الوتر،باب ماجاء في فضل الصلاة...الخ،٢/ ٢٧، حديث:٤٨٤)

www.dawateislami.net

چارۂ بے چارگاں پر ہوں دُرودیں صد ہزار بے کسوں کے حامی و غمخوار پر لاکھوں سَلام

مختصر وضاحت: امیرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِیَه جي ڪتاب "وسائلِ بخشش" جي شعر جي معنيٰ هي آهي تہ بي ڪسن ۽ مجبورن جي مددگار آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي هزارين دُرُود هجن ۽ بي سهارن ۽ مددگارن جي حمايت ۽ انهن سان همدردي ڪرڻ واري آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي لکين سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٹا مٹا اسلامي پائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ہم مدني ڪُل: (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ذِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ڇڙ ڏيڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوا الله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

بُري صحبت جوانجام

شيخِ طريقت،اميرِ اَهلسُنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علاّمہ مَولانا ابُو بلال محمّد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي مايه ناز تصنيف ”نيڪي جي دعوت“ جي صفحي نمبر290 تي فرمائن ٿا: پنجاب (پاڪستان) جي هڪ علائقي ۾ هڪ عجيب و غريب بدبو (Bad-smell) محسوس ٿيڻ لڳي، علائقي وارن جي گهڻي ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ بدبو جونشان مليو، اها بدبو هڪ بند گهر مان اچي رهي هئي، تنهنڪري پوليس کي اطلاع ڏنو ويو، پوليس وارا ماڻهن جي موجودگي ۾ تالو ٽوڙي گهر ۾ داخل ٿيا تہ هي ڏسي سڀ حيران ٿي ويا تہ اتي هڪ ڪٽ تي هڪ جوان شخص جو لاش پيو آهي ۽ ان جا ڪجهہ حصا ڳري چڪا آهن ۽ ان ۾ ڪيڙا هلي رهيا آهن، هي منظر ڏسي هارن سميت ڪئي ماڻهو بيهوش ٿي ويا، تحقيق ڪرڻ تي خبر پئي تہ هي نوجوان محنت مزدوري ڪرڻ جي لاءِ ان علائقي ۾ آيل هو، ڪرائي جي جڳهہ ۾ رهندو هو ۽ ڪجهہ جوارين سان ان جي دوستي هئي، هڪ ڏينهن هي نوجوان پنهنجي دوستن کان جوا ۾ تمام گهڻي رقم کٽي ويو، هارائي ويل جواري دوستن رقم ان کان قرڻ جي لاءِ هن جي ڳچي ۾ رسو وجهي ۽ بجلي جا ڪرنٽ هڻي ڪري ان کي ماري وڌو، پوءِ ان کي بنا ڪفن دفن جي تالو لڳائي فرار ٿي ويا. **(نيڪي جي دعوت ، ص۲۹۰)**

اے جُواری تُو جُوئے سے باز آ ورنہ پھنس جائے گا جس دن تُو مرا
تُو نشے سے باز آ مت پی شراب دو جہاں ہو جائیں گے ورنہ خراب
ہو گیا تجھ سے خدا ناراض اگر قبر سُن لے آگ سے جائیگی بھر

(وسائلِ بخشش مرمم،ص۷۱۳-۷۱۴)

منا منا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان تہ بُري صحبت (Company) ۾ اُٺڻ ويهڻ ڪيتري قدر هلاڪت ۽ بربادي جو سبب ۽ بُري صحبت ۾ رهڻ وارن نادانن جو ڪيتري قدر خطرناڪ اَنجام ٿيندو آهي. بيشڪ بُري صحبت انسان کي

www.dawateislami.net

برباد ڪندي آهي، بُرن ماڻهن جي صحبت ۾ ويهڻ ڇڻ ته آفتن، بلائن ۽ مصيبتن جي دروازي کي کوليندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن اهي ئي خراب دوست پنهنجي فائدي خاطر پنهنجن ئي ساڻين جا جاني دشمن بڻجي انهن کان جيئڻ جو حق کسي ونندا آهن ۽ انتهائي اذيت کان پوءِ موت جي وادي ۾ اڇلائيندا آهن ۽ اهڙي طرح خراب دوستن جي صحبت ۾ رهڻ وارا معاشري ۾ عبرت جو نشان بڻجي ويندا آهن. هيئنر اسان جوارين جي صحبت ۾ رهڻ واري شخص جي عبرت ناڪ موت جي حڪايت ٻُڌي، اسان کي گهرجي ته خراب دوستن خاص ڪري جوارين جي بُري صحبت کان پري رهون، ڇوتہ جُوا جي آفت ۾ قاتل ماڻهو پنهنجي محنت مان ڪمايل سڄي جمع ڪيل دولت لُٽائڻ سان گڏوگڏ گهڻن نُقصانن کي منهن ڏيندا آهن جيئن ته

جُوا جا دنيوي نقصان

تفسير صِراطُ الجنان جلد 3 صفحي 24 تي آهي: (1) جُوا جي ڪري جوارين ۾ بُغض، عداوت ۽ دشمني پيدا ٿي ويندي آهي ۽ ڪڏهن ته قتل ۽ لڙائيءَ تائين معاملو پهچي ويندو آهي (2) جُوا کيڏڻ سبب مالدار انسان ڪجهہ گهڙين ۾ غُربت ۽ مفلسي جو شڪار ٿي ويندو آهي، خُوشحال گهر بدحالي جو نظارو پيش ڪرڻ لڳندو آهي، چڱو خوشحال ماڻهو پڻ ڪائڻ پيئڻ تائين جو محتاج ٿي ويندو آهي، معاشري ۾ ان جو نهيل وقار ختم ٿي ويندو آهي ۽ سماج ۾ ان جي ڪا قدر۽ قيمت ۽ عزّت باقي ناهي رهندي. (3) جُواري نفعي جي لالچ ۾ گهڻو قرض ونڻ ۽ ڪڏهن ڪڏهن وياج تي قرض ونڻ تي بہ مجبور ٿي ويندو آهي ۽ جڏهن هو قرض ادا ناهي ڪري سگهندو يا ان کي قرض ناهي ملندو ته هو ڏاڙو ۽ چوري وغيره ۾ مبُتلا ٿي ويندو آهي، ايستائين جو جُواري هر پاسي کان مصيبتن ۾ ايترو ڦاسي ويندو آهي جو آخرڪار هو خود ڪشي ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندو آهي. (صراط الجنان،۳/۲۴)

اچو! جُوا جي مذمت(برائي) تي مشتمل 2 فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پڙهو ۽ عبرت حاصل ڪريو.

www.dawateislami.net

1. ارشاد فرمايائون: جنهن نَرْدَ شِيَر (جُوا واري هڪ راند) کيڏي تہ جڻ ان پنهنجو هٿ خنزير(سوئر) جي گوشت ۽ رت ۾ بوڑي چڏيو. (مسلم، كتاب الشعر، باب تحريم اللعب بالنردشير، ص٩٥٥، حديث: ٢٢٦٠)

2. ارشاد فرمايائون: جيڪو شخص نَرد کيڏندو آهي پوءِ نماز پڑهڻ لاءِ بيهندو آهي، ان جو مثال ان شخص وانگر آهي جيڪو پونءَ ۽ سُوئر جي رت مان وضو ڪري نماز پڑهڻ لاءِ بيهندو آهي. (مسند امام احمد،احاديث رجال من اصحاب النبي، ٥٠/٩، حديث: ٢٣١٩٩)

اللہ عَزَّوَجَلَّ اسان کي جُوا ۽ جوارين کان پري رهڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ چڱن ماڻهن جي صُحبت ۾ رهي پنهنجي زندگي نيڪين ۾ گزارڻ جي سعادت نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاہ النَّبِی الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٹا مٹا اسلامي پائرو! مشهور (اُردو) چوٽي آهي تہ خربوزے کو دیکھ کر خربوزہ رنگ پکڑتا ہے. بس صحبت جو بہ ڪجهه اهڙو ئي اثر هوندو آهي جو جهڙي صحبت تهڙو اثر چاکاڻ تہ اَلصُّحْبَةُ مُؤَثِّرَةٌ يعني صحبت پنهنجو اثر رکي ٿي. جنهن خوش نصيب کي چڱي صحبت نصيب ٿئي تہ ان جي قسمت کُلي پوندي چوتہ چڱي صُحبت جي برڪت سان ان جي اندر بہ چڱيون عادتون ظاهر ٿيڻ لڳنديون آهن ۽ بُرين عادتن کان چُوٽڪارو ملندو آهي، عمل جو جذبو نصيب ٿيندو آهي ۽ هو مُعاشري ۾ هڪ مُنفرد مقام حاصل ڪندو آهي، پر بد قسمتي سان جيڪڏهن ڪنهن کي مَعَاذَاللہ عَزَّوَجَلَّ بُري صحبت ملي وئي تہ ائين سمجهو تہ ان جي تباهي جا ڏينهن شروع ٿي ويا، چوتہ بُري صحبت جا اثر گهٽا تباه ڪرڻ وارا هوندا آهن، نيڪ سيرت ۽ سڌي سادي انسان کي بُري صحبت بُلندي کان هيناهين جي گهري کڈ ۾ ڪرائيندي آهي، بُرائين ۾ اضافي ۽ مُعاشري جي تباهي ۽ بربادي ۾ بُرن دوستن جو ئي ڪردار هوندو آهي، انهن ۾ اُٺڻ ويهڻ

www.dawateislami.net

وارو ۽ هڪ ڏينهن انهن جي رنگ ۾ رنگجي ويندو آهي ۽ مُعاشري جي بگاڙ جو سبب بڻجي ويندو آهي.

ڪنهن سان دوستي ڪرڻ گهرجي ڪنهن سان نہ؟

امير المومنين حضرت سَيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ فرمائن ٿا: اهڙي شيءِ ۾ نہ پئو جيڪا توهان لاءِ مُفيد نہ هجي ۽ دشمن کان الڳ رهو ۽ دوست کان بچندا رهو پر جڏهن تہ هو امين هجي ۽ تہ امين جي برابر ڪو ناهي ۽ فاجر (گنهگار) سان گڏ نہ رهو ۽ توهان کي فجور (گناهہ) سيکاريندو ۽ ان جي اڳيان راز جي ڳالهہ نہ چئو ۽ پنهنجي ڪم ۾ انهن کان مشورو ونو جيڪي اللہ عَزَّوَجَلَّ کان ڊجن ٿا. (شعب الايمان،باب في حفظ اللسان،فصل في فضل السكوت عمالايعنيه،۴/ ۲۵۷، حديث: ۴۹۹۵)

اميرالمومنين حضرت سَيدُنا مولا علي مشڪل ڪشا كَرَّمَ اللہُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيم فرمائن ٿا: فاجر (سر عام گناهہ ڪندڙ) سان برادري نہ ڪيو ۽ توهان سان هنجي فعل کي توهان لاءِ مُزَين (سينگاري) ڪندو ۽ هي چاهيندو تہ توهان ۾ ان جهڙا ٽي وجوهہ پنهنجي بدترين خصلت کي چگو ڪري ڏيکاريندو، توهان وٽ ان جو اچڻ وڃڻ عيب ۽ ننگ (شرم جو سبب) آهي ۽ پاڳل کان ۾ پائيچارو نہ ڪريو ۽ توهان جي ڪم ۾ وجهندو ۽ توهان کي ۾ ڪجهہ نفعو نہ پهچائيندو ۽ ڪڏهن هي ٽي سگهي ٿو تہ توهان کي نفعو پهچائڻ چاهيندو پر نقصان(Loss) پهچائي ڇڏيندو، ان جي خاموشي ڳالهائڻ کان بهتر آهي، ان جو پري هڻڻ ويجهو هڻڻ کان بهتر آهي ۽ (ان جو) موت زندگي کان بهتر. ڪڏاب (ڪوڙي شخص) کان ۾ پائيپي نہ ڪيو ۽ توهان ان سان اٺڻ ويهڻ توهان کي نفعو نہ ڏيندي، توهان جي ڳالهہ ۾ تائين پهچائيندو ۽ ۾ توهان وٽ آڻيندو ۽ جيڪڏهن توهان سچ ڳالهائيندوء تڏهن ۾ هو سچ نہ ڳالهائيندو. (تاريخ ابن عساكر،۴۲/۵۱۶)

حضرت سيدُنا جعفر بن سليمان رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مون هڪ ڪتي کي حضرت سيدُنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه جي پويان پويان هلندي ڏٺو تہ

www.dawateislami.net

چيم: اي ابويحييٰ! اوهان سان گڏ هي؟ فرمايائون: هي (ڪتو) بُري ساڻين کان بهتر آهي. (معجم اوسط، ۱۹۲/۱،حديث:٦٤١)

مٺا مٺا اسلامي پائرو! ٻڌو اوهان ته بُرو دوست دنيا ۽ آخرت جي لاءِ ڪيتري قدر نقصان ڏيندڙ هوندو آهي. تنهنڪري عافيت انهيءَ ۾ آهي ته اسان بُرن ماڻهن جي پاڇي کان به پري رهون چوته ڪٽي ائين نه ٽئي جو بُرن جي صحبت ۾ رهڻ سبب ماڻهو اسان جي باري ۾ به طرح طرح جون ڳالهيون ڪن ۽ اسان کي به بُرن لقبن کان پُڪارين. اچو! بُري صحبت جي هلاکت ڪرڻ کان بچڻ جي لاءِ ان جي مذمت تي مشتمل 4 فرامينِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌون ٿا ان مان حاصل ٿيڻ وارا نصيحت جا مدني گل چونديون ٿا،

1. ارشاد فرمايائون: بُري ساٿي کان بچو چوته هو جهنّم جو هڪ ٽڪرو آهي، ان جي مَحَبَّت توهان کي فائدو نه پهچائيندي ۽ هو توهان کان پنهنجو واعدو پورو نه ڪندو. (فردوس الاخبار،۲۲۴/۱، حديث:۱۵۷۳)

2. ارشاد فرمايائون: بُري هم نشين کان بچو چوته ان سان گڏ سجاتا ويندؤ. (تاريخ ابن عساكر، الحسين بن جعفر بن محمد بن حمدان...الخ،۴٦/۱۴)

3. ارشاد فرمايائون: صبح هن حال ۾ ڪريو جو توهان عالِم هجو يا مُتَعلّم (طالبِ علم) (Student) يا عالم جون ڳالهيون ٻڌندڙ، يا عالم سان مَحَبَّت ڪرڻ وارا ۽ پنجو (5) نه ٽجو چو ته هلاڪ ٿي ويندوء. (كشف الخفاء، حديث:۴۳۷، ۱۳۴/۱)

4. ارشاد فرمايائون: چڱي ۽ بُري ساٿي جي مثال مُشڪ ڪٽڻ ۽ بنيي(ڪورو) دڪائڻ واري جيان آهي، مشڪ وارو توکي ايئن ئي ڏيندو يا تون ان کان خريد ڪندي ٻيو ڪجهه نه ته توکي ان مان چڱي خوشبوته ايندي، جڏهن ته بنيي (ڪورو) دڪائڻ وارو يا تنهنجا ڪپڑا ساڙيندو يا توکي ان مان بدبوء ايندي. (بخاري، كتاب البيوع، باب في العطار وبيع المسك، ۲۰/۲، الحديث: ۲۱۰۱)

حڪيم الامت مُفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بيان ڪيل حديثِ پاڪ

www.dawateislami.net

جي شرح ڪندي فرمائن ٿا: سُبْحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! ڪهڙو پاڪيزه مثال آهي جنهن جي ذريعي سمجهايو ويو آهي ته بُرن جي صحبت فائدو ۽ چڱن جي صحبت نُقصان ڪڏهن نٿي ڏئي سگهي، بني واري وٽان مُشڪ نه ملندي گرمي ۽ ڏُونهو ئي ملندو، مُشڪ واري وٽان نه گرمي ملندي نه دونهو مُشڪ يا خوشبو ئي ملندي. (حديثِ پاڪ جي هن حصي "مشڪ وارويا ته توکي ائين ڏينڊو يا تون ان کان خريد ڪندي ٻيو ڪجهه نه ته توکي ان مان چڱي خوشبو ته ايندي" جي شرح ۾ مفتي صاحب فرمائن ٿا:) هي اَدنيٰ نفعي جو ذڪر آهي، مشڪ خريدڻ يا ان جو مُفت ئي ڏيڻ اعليٰ نفعو آهي جنهن سان هميشه فائدو پهچندو رهندو ۽ صرف خوشبو ماڻڻ اَدنيٰ نفعو آهي. خيال رهي ته ابُوجهل وغيره دشمنانِ رسول، حضور(صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) وٽ حاضر ٿيا ئي نه، اتي حاضري مَحَبَّت سان حاصل ٿيندي آهي.(حديثِ پاڪ جي هن حصي "۽ ٻيو تنهنجا ڪپڑا ساڙيندو يا توکي ان مان بدبوءَ ايندي" جي وضاحت ۾ مفتي صاحب فرمائن ٿا:) هن فرمان جو مقصد هي آهي ته حتَّي الامڪان بُري صحبت کان بچو جو هي دِين ۽ دنيا برباد ڪندي آهي ۽ چڱي صحبت اختيار ڪريو جوته ان سان دِين ۽ دُنيا سنورجي ويندا آهن. نانگ جي صحبت جان کسيندي آهي، بُري يار جي صحبت ايمان برباد ڪندي آهي. (مرآة المناجيح،٦ /٥٩١)

چنگے بندے دی صُحبت یار وجیوَیں دُکان عطاراں　　سودا بھاوَیں مل نہ لیّے خُلے آن ہزاراں
بُرے بندے دی صحبت یار وجیوَیں دُکان لوہاراں　　کپڑے بھاوَیں کُنج کُنج بیّے چِنگاں پَین ہزاراں

يعني چڱي جي صحبت عطار (يعني عِطر ڪپائڻ) جي دڪان جيان آهي جو جتان ماڻهو ڪجهه به نه خريد ڪري پر خوشبو اچي ئي ويندي آهي ۽ بُري ماڻهو جي صحبت لوهار جي دڪان جيان آهي، جتان جيترو به پنهنجي ڪپڙن کي بچائجي، چٽنگون ان تائين پهچنديون ئي آهن.

www.dawateislami.net

بُري صحبت برباديِ ايمان جو سبب آهي

حضرت سَيدُنا علامہ محمد بن احمد ذَهبي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ شخص شرابين جي صُحبت ۾ ويهندو هو، جڏهن ان جي موت جو وقت ويجهو آيو تہ کنهن کلمي شريف جي تلقين ڪئي تہ چوڻ لڳو: توهان بہ پيو ۽ مون کي بہ پياريو. مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ بِغير ڪلِمو پڙهڻ جي مري ويو (جڏهن شرابين جي صُحبت جو هي حال آهي تہ شراب پيئڻ جو چا وَبال هوندو!) هڪ شطرنج کيڏندڙ کي مرڻ وقت ڪلِمي شريف جي تلقين ڪئي وئي تہ چوڻ لڳو: شاهَڪ (يعني تنهنجو بادشاه) هي چوڻ کان پوءِ ان جو ساه نڪري ويو. (كتابُ الكبائر،ص ۱۰۳ ملخصاً)

مٹا مٹا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ چڱي صحبت اپنائڻ ۾ فائدو ئي فائدو آهي جڏهن تہ بُرن جي صحبت اختيار ڪرڻ ۾ دِين ۽ دنيا جو سراسر نُقصان ئي نُقصان آهي چوتہ بُري صحبت انسان جي ايمان کي بہ برباد ڪندي آهي، عام طور ماڻهو، جان کسيندڙ، خوفناڪ ۽ زهريلي جانورن، کيڙن مکوڙن ۽ وحشت ناڪ شين کان ڊجندا آهن ۽ انهن کان بچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن ۽ پُرخطر (خطري واري) (Dangerous) هنڌن جي ويجهو کان بہ نہ لڳهندا آهن، پر افسوس! جو هلاڪت ۽ برباديِ سان ڀرپور بُري صحبتن کان جان ڇڏائڻ انتهائي دُشوار محسوس ڪيو ويندو آهي، هاءِ! بُري صحبت جي نحوست اهڙي ڇائجي وئي آهي جو عبادت ۾ دل ناهي لڳندي. ماڻهو پنهنجن اکثر ڪمن ۾ خوب غور۽ فڪر ڪرڻ ۽ پنهنجو فائدو ڏسڻ کان پوءِ ئي ڪو قدم کڻندا آهن، پر کنهن جي صحبت اختيار ڪرڻ وقت هن ڳالهہ جو ٿورو بہ خيال نٿا ڪن تہ اهو اسان جي حق ۾ فائدي مند ثابت ٿيندو بہ يا نہ. بهرحال کنهن کي دوست بڻائڻ کان اڳ ۾ 112 ڀيرا غور ڪرڻ ضروري آهي تہ جيئن بعد ۾ کنهن قسم جو افسوس نہ ٿئي، پياري پياري آقا، مکي مدني مصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عبرت نشان آهي: اَلْمَرْءُ عَلٰى دِينِ خَلِيْلِهٖ فَلْيَنْظُرْ اَحَدُكُمْ مَنْ يُخَالِطُ يعني انسان پنهنجي دوست جي دِين تي هوندو آهي ان کي هي ڏسڻ گهرجي تہ کنهن سان دوستي ڪري ڀيو. (مُسند احمد، ۳/ ۱۶۸ ،حديث: ۸۰۳۴)

www.dawateislami.net

حكيمُ الأُمَّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪنهن سان دوستي ڪرڻ ڪان اڳ ۾ ان کي جانچيو ته الله (عَزَّوَجَلَّ) (۽) رسول (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جومطيع(فرمانبردار) آهي يا نه. ربّ تعاليٰ فرمائي ٿو:

وَ كُوْنُوْا مَعَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿۱۱۹﴾	**ترجموڪنزالايمان:** ۽ سچن جِي صُحبت ۾ هُجو.

(پ۱۱ ، التوبة: ۱۱۹)

صُوفي سڳورا (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِين) فرمائن ٿا ته انساني طبيعت (Nature) ۾ "اَخذ" يعني ونڻ جي خاصيت آهي. حَريص جي صحبت کان حرص، زاهد جي صُحبت کان زُهد ۽ تقويٰ ملندو. (مرآة المناجيح،٦/٥٩٩)

ہو اَخلاق اچھا ہو کردار سُتھرا — مجھے مُتَّقِی تُو بنا یا الٰہی

مٹا مٹا اسلامي ڀائرو! اسان کي کپي ته دوستي جي مُعاملي ۾ هر ڪنهن تي انڌو اعتماد نه ڪريون ۽ نه ئي اهڙن جي صحبت ۾ ويهون جنهن جو دامن پهريان ئي مختلف قسم جي بُرائين سان داغ دار هجي، چوته طرح طرح جي بُرائين ۾ مبتلا رهڻ وارن ماڻهن تي جڏهن بُرو وقت ايندو آهي ته انهن سان تعلق رکڻ وارا به ڪڏهن ڪڏهن انهن جي وڪڙ ۾ اچي ويندا آهن، اچو! هن ڳالهه کي سمجهڻ جي لاءِ هڪ حڪايت ٻڌون ٿا.

ڪُوئي ۽ ڏيڏر جي دوستي

شيخ طريقت،اميرِ اَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي مايه ناز تصنيف "نيڪي جي دعوت" جي صفحي نمبر 381 تي فرمائن ٿا ته عارف بِالله حضرت مولانا رُوم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بُري صُحبت جا نقصان سمجهائيندي فرمائن ٿا: اتفاق سان هڪ ندي جي ڪناري تي هڪ ڪوئي جي ڏيڏر سان ملاقات ٿي ۽ بنهي جي پاڻ ۾ دوستي ٿي وئي، ڪوئي چيو ته ڪڏهن ملڻ جي دل چاهي ته اوهان ته وڏي پاڻي (Depth) ۾ هوندا آيو جتي آواز به ناهي پهچندو ته اوهان کي خبر ڪيئن

www.dawateislami.net

پوندي؟ آخر اهو طئي ٿيو ته هڪ ڏاڳو ڪوئي جي پير ۾ ۽ ان جو ٻيو سِرو (پاسو) ڏيڙ جي پير ۾ ٻڌو وڃي ته جيئن ضرورت پوڻ تي اطلاع ڏئي سگهجي، پوءِ ائين ڪيو ويو، هڪ ڏينهن اوچتو ڪاڻُ ڪوئي ڪي جهٽ هٽي ان کي وات ۾ وجهي اُڏاميو ته ڏيڙ به ڏاڳي ۾ ٻڌل هئڻ جي ڪري ان سان گڏ ڇڪجي هوا ۾ هليو پئي ويو، ڏيڙ چيو ته هي ڪوئي جهڙي نالائق سان دوستي جي سزا آهي، خبر پئي ته نالائقن ۽ بري صحبتن جي ڪري گهٽيون آفتون ايندين آهن.

اے فُغاں از یارِ ناجِنس اے فُغاں
ہَمنَشینِ نیک جُویَد اے مہماں

(فرياد آهي! ناجنس (يعني نالائق) دوست کان فرياد آهي، اي دوستو! نيڪ ساٿي تلاش ڪريو) (مثنوي،دفتر ششم،۲۸۵،۲٦٧،۲٦٦بِتَغير)

بدمذهبن جي صحبت زهرِ قاتل آهي

مڻا مڻا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته بيوقوف ماڻهن جي صحبت برباد ڪندي آهي، ڪڏهن انهن جي نحوست "هم تو ڈُوبے هيں صنم تم کو بهي لے ڈُوبيں گے" جي مصداق ٻين کي به بربادي جي گهري کاهي ۾ اڇلائيندا آهن. ياد رهي! جهڙي طرح شرابين، جوارين ۽ گناهن ۾ ملوث رهڻ وارن سان اُٺڻ ويهڻ هلاڪت جو سبب آهي، اهڙي طرح بدمذهبن سان ميل ميلاپ رکڻ، انهن جون تقريرون ٻڌڻ، ڪتاب پڙهڻ، انهن جي آڊيو (Audio) ٻڌڻ، ويڊيو (Video) ڏسڻ، يا ڪنهن ٻئي کي شئير (Share) ڪرڻ، انهن سان ڪائڻ پيئڻ يا رشتيداري قائم ڪرڻ به ايمان جي لاءِ زهرِ قاتل ۽ دنيا ۽ آخرت جي شديد تباهي ۽ بربادي جو سبب آهي. افسوس! في زمانہ بعض نادان بد مذهبن سان تعلُّق قائم ڪن ٿا ۽ اهو چوندي ٻڌا ويا آهن ته اسان کي ڪو نٿو لوڏي سگهي، اسان گهڻا ئي مضبوط (Strong) آهيون، اسان انهن سان تَعلُّق ان ڪري قائم رکيو آهي ته جيئن انهن کي پاڻ جهڙو بڻايون، ائين ڪجهہ نادان تسکينِ نفس جي خاطر بد مذهب

www.dawateislami.net

عورتن سان نڪاح ڪن ٿا ۽ ائين چوندا آهن ته اسان انهن سان نڪاح ان ڪري ڪيو آهي ته جيئن انهن کي به پنهنجي رنگ ۾ رنگي وٺون، اهڙي طرح ڪجھ نادان گھر اهڙا به آهن جيڪي صرف دنيا جي بهتر تعليم خاطر پنهنجن ٻارن کي بد مذهب اُستادن جي حوالي ڪندا آهن ۽ آخرڪار اهي ٻار وڏا ٿي بد مذهبي اختيار ڪندا آهن. اهڙن ماڻهن کي گهرجي ته اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي هن ڪلام مان عبرت حاصل ڪن، جيئن اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: غير مذهب وارين (يا وارن) جي صُحبت باهه آهي، ذي علم، عاقِل بالغ مردن جا مذهب (به) انهيءَ ۾ بگڙجي ويا آهن. عمران بن حِطان رقاشي جو قصو مشهور آهي، هي تابعين جي زماني ۾ هڪ وڏو مُحَدِّث ٿي گذريو آهي، بد مذهب عورت جي صُحبت ۾ (رهي ڪري) معاذالله پاڻ بدمذهب ٿي ويو ۽ هي دعوىٰ ڪئي هئي ته (انهيءَ سان شادي ڪري) انهيءَ کي سُنّي ڪرڻ چاهيان ٿو. جڏهن صُحبت جي حالت ۾ (ايڏو وڏو مُحَدِّث گُمراھ ٿي ويو) ته (بدمذهب کي) اُستاد بڻائڻ ڪيتري قدر بَدتر آهي جو اُستاد جو اثر تمام عظيم ۽ گهڻو جلدي ٿيندو آهي، ته غير مذهب عورت (يا مرد) جي سِپُردگي يا شاگردي ۾ پنهنجي ٻچن کي اهو ئي ڏيندو جيڪو پاڻ دين سان واسطو نه ٿو رکي ۽ پنهنجي ٻارن جي بَد دين ٿيڻ جي پرواھ ناهي ڪندو. (صراط الجنان ، ٧/٢٠)

مجھے دیدے اِیمان پر اِستِقامَت پئے سَیِّد مُختَشَم یاالٰہی
خُدایا بُرے خاتِمے سے بچانا پڑھوں کَلِمَہ جب نکلے دَم یاالٰہی

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مکتبة المدينه جي شايع ٿيل تفسير صِراطُ الجنان جلد 3 صفحي 134 تي آهي ته بد مذهبن جي محفل ۾ وڃڻ ۽ انهن جي تقرير ٻڌڻ ناجائز ۽ حرام ۽ پنهنجي پاڻ کي بدمذهبي ۽ گمراهي تي پيش ڪرڻ وارو ڪم آهي. انهن جون تقريرون قرآني آيتن تي مشتمل هجن چاهي احاديثِ مُبارَکه تي، سنيون ڳالهيون گڏ ڪرڻ جو زُعم (گمان) رکي به انهن کي ٻڌڻ

www.dawateislami.net

هر گز جائز ناهي. عين ممكن بلڪ اكثر طور تي واقع آهي تہ گمراھ شخص پنهنجي تقرير ۾ قرآن ۽ حديث جي شرح ۽ وضاحت جي آڙ ۾ ضرور ڪجھ ڳالهيون پنهنجي بد مذهبي جون بہ ملائيندا آهن ۽ قوي خدشو بلڪ واقع ٿيڻ جو مُشاهدو آهي تہ اهي ڳالهيون ٻڌڻ واري جي ذهن ۾ مظبوط ٿي دل ۾ سمائجي ويندیون آهن. اهو ئي سبب آهي تہ گمراھ ۽ بي دِين جي تقرير ۽ گفتگو ٻڌڻ وارو عام طور پاڻ بہ گمراھ ٿي ويندو آهي. اسان جا اَسلاف پنهنجي ايمان جي باري ۾ بيحد محتاط هوندا هئا، باوجود ان جي جو هي تہ عقيدي ۾ انتهائي مُتَصَلِّب (پڪا) هوندا هئا پوءِ بہ ڪنهن بدمذهب جي ڳالھ ٻڌڻ هرگز پسند نہ ڪندا هئا، پلي ڪٽي ان کي هو سو پيرا يقين ڏياري تہ مان رڳو قرآن ۽ حديث بيان ڪندس.

اذ لفظ بہ نہ ٻڌو

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هن باري ۾ اسلاف جو عمل نقل ڪندي فرمائن ٿا: (حضرت) عبدالله بن عباس رَضِى اللهُ تَعَالٰى عَنْهما جي شاگرد سَيدُنا سعيد بن جُبَير کي واٽ ۾ هڪ بد مذهب مليو. چيائين، ڪجھ عرض ڪرڻ چاهيان ٿو. فرمايائون: مان ٻڌڻ نٿو چاهيان. عرض ڪيائين هڪ جملو. (پاڻ) پنهنجو اڱونو چيڇ جي منڊ تي رکي فرمايائون: ”وَ لَا نِصْفَ كَلِمَةٍ“ (يعني) اذ لفظ بہ نہ. ماٺھن عرض ڪيو، ان جو ڇا سبب آهي؟ فرمايائون: هي انهن مان آهن يعني گمراهن مان آهن.

سَيدُنا امام ابنِ سيرين جي بد مذهبن سان نفرت

(اهڙي طرح) امام محمد بن سيرين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وٽ بہ بد مذهب آيا. عرض ڪيائون، ڪجھ ڪلام الله جون آيتون اوهان کي ٻڌايون! فرمايائون: مان نٿو ٻڌڻ چاهيان. عرض ڪيائون ڪجھ احاديثِ نبوي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌايون! فرمايائون، مان نٿو ٻڌڻ چاهيان. انهن زور پريو. فرمايائون: توهان ٻئي اٿي وڃو يا مان اٿان ٿو. نيٺ اهي مايوس ٿي موٽي ويا. ماٺھن عرض ڪيو: اي امام! ڇا حرج ٿئي ها جيڪڏهن اهي ڪجھ آيتون يا حديثون ٻڌائن ها؟

www.dawateislami.net

فرمايائون: مون خوف كيو تہ اهي آيتن ۽ حديثن سان گڏ پنهنجي ڪجهہ تاويل لڳائيندا ۽ هي منهنجي دل ۾ رهجي وڃي تہ مان هلاڪ ٿي وڃان.

(اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هي واقعا نقل ڪرڻ کان بعد) وڌيڪ فرمايائون: آئمہ (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِين) کي تہ هي خوف ۽ هاڻي عوام کي اها جُرئت آهي وَلَا حَوْلَ وَ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰه. ڏسو! بچت جي راه اها ئي آهي جيڪا توهان کي توهان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بڌائي، ."اِياكُمْ وَ اِياهُمْ لَايضِلُّوْنَكُمْ وَلَا يفْتِنُوْنَكُمْ" انهن (بدمذهبن) کان پري رهو ۽ انهن کي پاڻ کان پري ڪيو، ڪٿي هو توهان کي گمراه نہ ڪن، ڪٿي هو توهان کي فتني ۾ نہ وجهن. ڏسو! نجات جي واٽ اها ئي آهي جيڪا توهان جي رب عَزَّوَجَلَّ بڌائي:

وَاِمَّا يُنْسِيَنَّكَ الشَّيْطٰنُ فَلَا تَقْعُدْ بَعْدَ الذِّكْرٰى مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۶۸﴾ (پ 7 الانعام 68)

ترجموڪنزالايمان: ۽ جيڪڏهن ڪٿي توکي شيطان وسارائي تہ ياد اچڻ تي ظالمن سان گڏ نہ ويهہ.

پلجي انهن مان ڪنهن وٽ ويهي رهيا آهيو تہ ياد اچڻ تي هڪدم اٿي وڃو. (فتاويٰ رضويه، ۱۰۶،۱۰۷/۱۵ ملخصاً)۔ (صراط الجنان ، ۱۳۴/۳)

محفوظ سدا رکھنا شہا! بے ادبوں سے اور مجھ سے بھی سرزد نہ کبھی بے ادبی ہو

12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "مدرسة المدينہ بالغان"

مٹا مٹا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان تہ بُري صحبت پنهنجي اندر ڪيتري قدر تباهيون رکندي آهي وڏن وڏن کي راه حق تان ڀٽڪائيندي آهي، تنهنڪري سمجهدار شخص کي ڪپي تہ هو دِيني ۽ دُنيوي عُلوم ۽ فنون جون ڊِگريون حاصل ڪرڻ ۽ انهن ۾ ماهر هئڻ جي باوجود بہ پنهنجي نفس تي اعتماد (Trust) نہ ڪري ۽ هميشہ بدمذهبن ۽ بُرن ماڻهن جي صحبت کان پري پيجي ۽ هميشہ چگڻ جي صحبت اپڻائي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول چگڻ جي صحبت حاصل ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو آهي، تنهنڪري اسان کي بہ

www.dawateislami.net

هن مدني ماحول سان وابستہ ٿي 12مدني ڪمن ۾ مشغول رهڻ گهرجي. 12 مَدَني ڪمن مان روزانو جو هڪ مَدَني ڪم "مدرسةُ المدينہ بالغان" ۾ پڙهڻ يا پڙهائڻ ۾ آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدرسةُ المدينہ بالغان جي بَرَڪت سان دُرست قرآنِ ڪريم پڙهڻ نصيب ٿيندو آهي❀ مدرسة المدينہ بالغان نماز،وُضو ۽ غُسْل وغيره ضروري اَحڪام سکڻ جو بهترين ذريعو آهي❀ مدرسة المدينہ بالغان ۾ حاضِري جي بَرَڪت سان سني صُحبت ملندي آهي.مدرسة المدينہ بالغان جي برڪت سان قرآن ڪريم پڙهڻ ۽ ٻڌڻ جي سعادت ملندي آهي مدرسة المدينہ بالغان جي برڪت سان علم دين جي دولت نصيب ٿيندي آهي. مدرسة المدينہ بالغان جي برڪت سان مسجد ۾ ويهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي مدرسة المدينہ بالغان جي برڪت سان مدني انعامات تي عمل جو جذبو ملندو آهي

منا منا اسلامي ڀائرو برائين ۾ مبتلا ماڻهو جڏهن دعوت اسلامي واري عاشقان رسول جي صحبت ۾ رهي ڪري مدرسة المدينہ بالغان ۾ قرآن ڪريم سکڻ ايندا آهن ۽ دعوت اسلامي جي مدني ڪمن ۾ حصو وٺندا آهن تہ الحمد لله عزّوجَلّ انهن تي مدني رنگ چڙندو ويندو آهي اچو هن جي هڪ ايمان وڌائيندڙ مدني بهار ٻڌون ۽ جهومي اٿون

بدنگاهي جي عادت مان نجات ملي وئي

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي رهائشي اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان اڳ ۾ مان فلمون ڊراما ڏسڻ، گانا باجا ٻڌڻ ۽ بدنگاهي ڪرڻ جو عادي هئس جڏهن تہ نمازن جي پابندي جو به ذهن نہ هو. اتفاق سان هڪ دفعي منهنجي ملاقات سفيد لباس پاتل سبز سبز عمامہ سجايل هڪ اسلامي ڀاءُ سان ٿي، انهن انفرادي ڪوشش ڪندي مون کي مدرسةُ المدينہ (بالغان) ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، مون دعوت قبول ڪندي مدرسةُ المدينہ (بالغان) ۾ پڙهڻ شروع ڪيو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدرسة المدينہ (بالغان) جي برڪت سان هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت منهنجو معمول بڻجي

www.dawateislami.net

ويو، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو مريد بہ ٿيس. نمازي ۽ مسجد ۾ درس ڏيڻ وارو بڊجي ويس. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هاڻي مان فلمون ڊراما، گانا باجا، بدنگاهي وغيره گناهن کي ڇڏي ڇکو آهيان ۽ پنهنجي گهر وارن تي بہ انفرادي کوشش ڪندي انهن کي بہ نمازي بڻائڻ جي کوشش ڪري رهيو آهيان.

اگر سُنّتیں سیکھنے کا ہے جذبہ — تم آجاؤ دیگا سِکھا مدنی ماحول
بُری صحبتوں سے کنارہ کشی کر — کے اچھوں کے پاس آ کے پامدنی ماحول
سَنور جائے گی آخرت اِنْ شَآءَ الله — تم اپنائے رکھو سَدا مدنی ماحول
گر آئے شرابی مٹے ہر خرابی — چڑھائے گا ایسا نشہ مدنی ماحول
دعا ہے یہ تجھ سے دل ایسا لگادے — نہ چُھوٹے کبھی بھی خدا مدنی ماحول
گنہگارو آؤ، سیہ کارو آؤ — گناہوں کو دیگا چُھڑا مدنی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! بُري صحبت ۾ چاهي وڏو مبُتلا هجي يا ننڍو ان کي نُقصان ضرور پهچندو آهي، پر وڏن جي مُقابلي ۾ ٻارن جي حق ۾ بُري صحبت انتهائي خطرناڪ ثابت ٿيندي آهي ڇوتہ انهن کي ننڍي عُمر ۾ بُري ڀلي جي تميز ناهي هوندي، جيڪڏهن ننڍپڻ کان ئي انهن جي مدني تربيت نہ ڪئي وڃي تہ اهي وڏا ٿي آواره، ضِدّي، وياج خور، رِشوت خور، بدمذهب، بي نمازي، جُواري، شرابي، بي حيا، فيشن پرست، فلمن ڊرامن جا شيدائي، ماءُ پيءُ جا نافرمان ۽ خبر ناهي ڪهڙين ڪهڙين بُرين خصلتن جا عادي بڻجي ويندا آهن، والدين ۽ خاندان جو نالو بدنام ڪندا آهن. تنهنڪري والدين کي گهرجي تہ هو پنهنجن ٻارن جي بهتر تعليم سان گڏوگڏ مدني تَربِيت جي لاءِ بہ وقت ڪڍن ۽ وقت بوقت انهن کي چڱي صحبت جا فائدا ۽ بُرن دوستن جي صحبت جا نُقصان ٻڌائي انهن جي دنيا ۽ آخرت سنوارڻ ۽ انهن کي مُعاشري

www.dawateislami.net

جو مُعزز فرد بڻائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪريون. جيئن ته هڪ سمجهدار پيءُ کي جڏهن پنهنجي اولاد جي بُري صحبت ۾ مبتلا هئڻ جو علم ٿيو ته ان لاپرواهي جو مُظاهرو ڪرڻ بدران ان کي ڪهڙي طرح سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. اچو! هن باري ۾ هڪ حڪايت ٻڌو ۽ نصيحت جا مدني گل چُونڊي عمل جي ڪوشش ۾ ڪريو.

بُري صحبت جواثر

نيڪ گهراڻي جو هڪ مَدَني مُنّو بُرن دوستن جي صحبت ۾ اُٺڻ ويهڻ لڳو، ان جي والد صاحب کي اها ڳالهه خبر پئي ته انهن ان کي سمجهايو ته بُرن جي صحبت توهان کي به ڪٽي بُرو نه بڻائي. ان هي چئي ڪري ٽاري ڇڏيو ته بابا! اوهان فڪر نه ڪريو مان انهن جهڙو نه ٿيندس، والد محترم پنهنجي پٽ کي عملي طور تي سمجهائڻ جو ارادو ڪيو ۽ هڪ ڏينهن گهر ۾ ڪوڙ سارا آلو بخارا (Prunes) ونڻي آيا، ان مان ڪجهه آلوبخارا گهر وارن کاڌا، جڏهن باقي آلو بخارا رکڻ لڳا ته پٽ چيائين: بابا! ان ۾ هڪ ڳريل سڙيل آلوبخارو به آهي ان کي ڪڍي ڇڏيو، والد صاحب چيائين: هينئر رهڻ ڏيو، سياڻي ڏسنداسين. ٻئي ڏينهن جڏهن پيءُ پٽ آلو بخارا ڏنا ته سڙيل آلو بخاري جي قريب وارا آلو بخارا به خراب ٿي چڪا هئا. هاڻي والد صاحب پٽ کي سمجهايو: ڏس پٽ! صحبت جو ڪيترو اثر ٿيندو آهي! هڪ خراب ٿيل آلو بخاري جي صحبت سان ٻيا سڀ آلو بخارا به خراب ٿي ويا! مدني مُنّي جي سمجهه ۾ اچي ويو ۽ ان بُرن دوستن جي صحبت ۾ ويهڻ کان توبه ڪئي. (دودھ پیتا مدني منا،ص۲۷ بتغير قليل)

منا منا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو ته هڪ عقلمند پيء پنهنجي مدني مُنّي کي بُري صحبت کان روڪڻ جو ڪهڙو پيارو طريقو اختيار ڪيائون جو ان هڪ ننڍڙي ذِهن جي مُطابق عام مثال جي ذريعي ان کي بُري صحبت جي نُقصان کان آگاهه ڪيو ته پٽ به آساني سان پنهنجي پيءُ جي ڳالهه هي سوچي قبول ڪئي ته جهڙي طرح انهن ڳريل سڙيل آلو بخارن جي وچ ۾ رهي سڀ آلو بخارا به خراب ٿي ويا ته ڪٽي ائين نه ٿئي جو بُرن دوستن جي صحبت

www.dawateislami.net

جي نحوست سبب مان بہ انهن جهڙو تي وجان! غور ڪريو تہ هڪ طرف تہ اهڙن خوش نصيب والدين جو شاندار ڪردار اسان جي سامهون آهي جڏهن تہ بي پاسي اسان جي معاشري ۾ اهڙا نادان بہ آهن جيڪي پنهنجي اولاد کي سڻي صحبت ۾ ويهڻ جي ترغيب ڏيارڻ تہ رهيو پري، سڻي صحبت ۾ ويهڻ کان ئي روڪن ٿا، پوءِ ڪڏهن ڪڏهن اهو اولاد جڏهن بُري صحبت جو شڪار ٿي بگڙي ويندو آهي تہ والدين پنهنجي ڪرڻ تي افسوس ڪندي پڇتائيندا آهن پر (اردو چوٽي مطابق) ”اب پچھتائے کیا ہوت جب چڑیاں چُگ گئیں کھیت۔“ تنهنڪري پوء لک ڪوششن جي باوجود بہ اهڙو اولاد سڌي واٽ تي ناهي ايندو، جيئن

مَدَني قافِلي کان روڪڻ جو نقصان

شيخِ طريقت،اميرِ اَهلسُنّت،باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مولانا ابُو بلال محمّد الياس عطّار قادِري رَضَوي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي تصنيف ”فيضانِ سنت“ جي صفحي نمبر 61 تي فرمائن ٿا تہ

مدينةُ الْاَولياء احمد آباد شريف (هند) جي هڪ عاشقِ رسول هڪ نوجوان تي انفرادي ڪوشش ڪري ان کي مدني قافلي ۾ سفر لاءِ تيار ڪيو، پر سندس والد صاحب دنياوي تعليم ۾ رڪاوٽ جي خوف کان آخرت جي تعليم جي سفر کان روڪي ڇڏيو. ويچاري کي عاشقانِ رسول جي صحبت ملندي ملندي رهجي وئي. نتيجي طور هو بُرن دوستن جي صحبت ۾ اچي ويو ۽ شرابي بڻجي ويو. هاڻي ان جي والد کي غلطيءَ جو احساس ٿيو، هُن انهيءَ عاشقِ رسول کي گذارش ڪئي تہ ”هن کي قافلي ۾ ونڊي وجو تہ جيئن هن کان شراب جي عادت ڇڏائجي وجي.“ ان نوجوان تي ٻيهر انفرادي ڪوشش ڪئي وئي پر جيئن تہ معاملو هٿن مان نڪري چُڪو هو يعني ويچارو تمام گهٽو بگڙي چُڪو هو، تنهنڪري کنهن بہ صورت ۾ مدني قافلي ۾ سفر لاءِ تيار نہ ٿيو.

اهڙي طرح شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي سندن وڏي پيٽ

www.dawateislami.net

بُڌايو تہ هڪ اسلامي پيٽ روئي روئي ڪري دعا لاءِ چيو آهي تہ منهنجي پٽ جي اصلاح لاءِ دعا ڪيو، هاءِ! هاءِ! مون پاڻ ئي ان کي برباد ڪيو آهي. ان کي **دعوتِ اسلامي** جي مدرسة المدينه ۾حافظ ٿيڻ لاءِ داخل تہ ڪرايم پر ويچارو جيڪي سنّتون وغيره سکي ڪري گهر ۾ اچي بيان ڪندو هيو تہ مٽس ٽوڪون ڪندا هئاسين. آخرڪار سندس دل ٽُٽي پئي ۽ ان مدرسة المدينه ۾ وڃڻ ڇڏي ڏنو، هاڻي بُرن دوستن جي صحبت ۾ رهي رولو ٿي ويو آهي، اتفاق سان مون کي هاڻي دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول ملي ويو آهي هاڻي مان سخت پڇتائي رهي آهيان تہ افسوس! منهنجو ڇا ٿيندو!

صُحبتِ صالِح تُرا صالِح کُنَند　　صُحبتِ طالِح تُرا طالِح کُنَند

(يعني چگّن جي صحبت توکي چگّو بڻائيندي)　　(۽ بُرن جي صحبت توکي بُرو بڻائيندي)

ڪتاب ''اچهے ماحول کی برکتیں'' جوتعارف

منا منا اسلامي پائرو! ٻڌو اوهان تہ جيڪي والدين پنهنجن ٻارن کي چگّي صحبت جي برڪتن کان محروم رکن ٿا تہ نيٺ انهن کي پنهنجي ڪرٽ تي ڪيتري قدر حسرت ۽ شرمساري ڪرٽي پوندي آهي، جيڪڏهن والدين پنهنجي پاڻ کي مدني ماحول سان وابسته رکن ۽ پنهنجن ٻارن جي مدني تَربِيت ڪن تہ اهو اولاد نہ صرف دُنيا ۾ انهن جي اکين جي ٺڏاڻ بڻجندو بلڪ آخرت ۾ نجات جو ذريعو بہ بڻجي سگهي ٿو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مکتبة المدينہ چگّي صحبتن جو فيضان عام ڪرڻ ۽ بُرين صحبتن جي وبال کان اُمّت کي بچائڻ جي لاءِ 50 صفحن تي مشتمل ڪتاب "اچهے ماحول کي برڪتيں" شائع ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ آياتِ مبارڪ ۽ احاديثِ طيبہ ۽ بُزرگانِ دِين جي اقوال جي روشني ۾ چگّي، بُري ماحول جي سڃاڻپ، سني ماحول جا فائدا ۽ بُري ماحول جا نُقصان بيان ڪيا ويا آهن. مکتبةُ المدينہ تان هن ڪتاب کي هديةً حاصل ڪري پاڻ بہ ان جو مُطالَعو (Study) ڪريو ۽ ٻين کي بہ پڙهڻ جي ترغيب

www.dawateislami.net

ڏياريو. ان ڪتاب کي دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان پڙهي ۽ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ(Print Out) ۽ ڪري سگهجي ٿو .

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! تِر کي جيڪڏهن گلاب جي گلن ۾ رکيو وجي ته ان جي صُحبت ۾ رَهي اهو به گلابي ٽي ويندو آهي، اهڙي طرح سنن ماڻهن جي صحبت ۾ اُٺڻ ويهڻ وارو به ڏينهو ڏينهن ان جي رنگ ۾ رنگبو ويندو آهي. جيڪي خُوش نصيب ماڻهو خوفِ خدا ۽ عشقِ مُصطَفٰي جي لازوال دولت سان مالا مال هجن، محبتِ صحابہ ۽ اهلبيت جي دولت سان سرشار هجن، مٽي کان پيرن تائين سُنّتن جي هلندڙ ڦرندڙ تصوير هجن، جن جي صحبت جي برڪت سان عمل جو جذبو وڌندو هجي، گناهن کان نفرت ۽ فڪرِ آخرت نصيب ٿيندي هجي ته اهڙن جو فيضان حاصل ڪرڻ وارو ڀلا ڪهڙي طرح برڪتن کان محروم رهجي سگهي ٿو.

حضرت سَيدُنا مصلح الدِّين سعدي شيرازي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سنئي صحبت جي اهميت کي نهايت خوب صورت انداز ۾ بيان فرمايو آهي جيئن پاڻ "گلستانِ سعدي" ۾ فرمائن ٿا، جنهن جو ترجمو ڪجهه هيئن آهي:يعني هڪ ڏينهن خوشبو واري مٽي غسل خاني ۾ مون کي هڪ دوست جي هٿن مان ملي، مون ان مٽي کي چيو ته تون مُشڪ آهين يا عنبر! تنهنجي دلڪش خوشبو مون کي مَست ۽ حيران ڪري ڇڏيو آهي (هي ٻڌي مٽي چيو) مان ته حقير (يعني ادنيٰ) مٽي هئس پر هڪ عرصي تائين مان گُلن جي صحبت ۾ رهيس بس گلن جي صحبت جو مون ۾ اثر ٿيو (ته مان خوشبودار ٿي ويس) نه ته مان ته اها ئي خاڪ ۽ مٽي آهيان جيڪا پهريان هيس. (گلستان سَعدي ص۴)

www.dawateislami.net

سڻي صحبت جون برڪتون

مڻا مڻا اسلامي ڀائرو! جيتري قدر ممڪن هجي نيڪ ماڻهن جي صحبت ڪان وابسته رهو ڇوتہ سڻن جي صحبت انسان تہ انسان جيڪڏهن ڪنهن جانور ڪي بہ نصيب ٿي وڃي تہ پوءِ اهو عام جانور نٿو رهي بلڪ ان جي صحبت ءِ نسبت جي برڪت سان ان جي شان ءِ شوڪت ءِ اهميت و رفعت ڪيترا ئي درجا وڌي ويندي آهي، جيئن اَصحابِ ڪهف رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْهُم جي ڪتّي ڪي ئي ڏسو جو اڳ ۾ هڪ عام ڪتّو هو پر ان ڪي اَصحابِ ڪهف رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْهُم سان محبت ءِ اُلفت ٿي تنهنڪري هو ان اللہ وارن جي مَحَبَّت ۾ انهن جو رفيق، شريڪ سفر ءِ محافظ بڻجي ويو، اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِم اَجْمَعِين جي صحبت جون برڪتون تہ چا نصيب ٿيون، ان جي تہ قسمت ئي چمڪي پئي ءِ ان جو مقام ءِ رتبو ايترو بلند ٿيو جو ربّ ذُوالجلال عَزَّوَجَلَّ پنهنجي پاڪيزه ڪلام قرآنِ ڪريم ۾ پنهنجي مقبول ٻانهن ۔يعني اصحابِ ڪهف رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْهُم سان گڏ انهن جو بہ ذڪر ڪيو آهي، جيئن سيپارو 15سُوْرَةُ الْكهف جي آيت نمبر 18 ۾ ارشادِ خداوندي آهي:

وَكَلْبُهُمْ بَاسِطٌ ذِرَاعَيْهِ بِالْوَصِيْدِ ؕ

(پ۱۵،الكهف:۱۸)

ترجمو ڪنز الايمان: ءِ سندن ڪُتو بہ پنهنجُون ڪرائيون پکيڙيندڙ آهي غار جِي چانئُ تي

حضرت سَيدُنا اِمام ابو عبدُاللہ محمد بن اَحمد قرطبي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن نيڪ ٻانهن ءِ اولياءِ ڪرام عَلَيْهِم رَحْمَةُ اللهِ السَّلام جي صحبت ۾ رهڻ جي برڪت سان هڪ ڪتّي ايترو بلند رتبو ماڻيو جو اللہ تعالیٰ ان جو ذڪرِ خير قرآنِ پاڪ ۾ فرمايو تہ ان مسلمان جي باري ۾ توهان جو چا خيال آهي جيڪو اولياءِ ڪرام ءِ نيڪ ٻانهن سان مَحَبَّت ڪرڻ وارو ءِ انهن جي صحبت ڪان فيضياب ٿيڻ وارو آهي بلڪ ان آيت ۾ انهن مسلمانن جي لاءِ تسلّي آهي جيڪي ڪنهن بلند مقام تي فائز نہ آهن. (تفسير قرطبی، پ۱۵،الكهف، تحت الآية: ۱۸، الجزء۱۰، ۲۶۹/۵)
يعني انهن جي لاءِ تسلّي آهي تہ هو پنهنجي ان محبت ءِ عقيدت جي ڪري اللہ تعالیٰ جي بارگاه ۾ ڪامياب ٿيندا. (صِراطُ الجِنان،پ۱۵،الكهف،تحت الآية:۱۸، ۵۵۰/۵)

www.dawateislami.net

مدني چينل

منا منا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو تہ انسان هجي يا جانور سڀني صحبت سان فيضياب ٿيڻ وارو کو بہ محروم ناهي رهندو بلکہ ان تي ربّ عَزَّوَجَلَّ جو خاص فضل ۽ احسان ٿيندو آهي ۽ ان جو ٻيڙو پار ٿي ويندو آهي. هن پُرفتن دَور ۾ سڀني صحبت ماڻڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جو مشکبار مدني ماحول آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ان مدني ماحول ۾ عاشقانِ رسول جي صحبت سان کافي بگڙيل ماڻهن جي اصلاح جو سامان ٿي چکو آهي ۽ توبہ کان پوءِ ان مدني مقصد جي تحت زندگي گذاري رهيا آهن ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي کوشش کرڻي آهي اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّتنهنکري اسان سيئي بہ هن مدني مقصد تي عمل کرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني کمن ۾ وڌ کان وڌ حصو ونون. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ خدمتِ دين جي 104 شعبن ۾ نيکي جي دعوت عام کرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي، انهن مان هڪ شعبو ”مدني چينل“ بہ آهي. اڄوکي دور ۾ ميڊيا ذهن ناهڻ ۽ کردار بڻائڻ ۾ هڪ فائدي مند هٿيار جو کم کري رهيو آهي، ڪيئي ماڻهو ان جو غلط استعمال (Misuse) کرڻ لڳا آهن، جنهن جي کري خاص کري نوجوان نسل انهن بُرن اثرن ۽ فکرن جي وکوڙ ۾ اچي پيو .

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلاميدَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه ۽ دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ وڏّي شدّت سان محسوس ڪيو تہ مسلمانن جي گهرن مان T.V ڪيبائڻ گهٽو کري ناممڪن آهي، بس هڪ ئي صورت نظر آئي ۽ اها هي تہ جهڙي طرح دريا ۾ ٻوڏ ايندي آهي تہ ان جو رخ فصلن وغيره جي طرف موڙيو ويندو آهي تہ جيئن فصل بہ سيراب ٿين ۽ آبادين کي بہ تباهي کان بچائي سگهجي بلکل انهيءَ طرح T.V ئي جي ذريعي مسلمانن جي گهرن ۾ داخل ٿجي ۽ انهن کي غفلت جي ننڊ مان بيدار ڪيو وڃي، جڏهن هن شعبي جي باري ۾ معلومات حاصل ڪئي وئي تہ خبر پئي تہ پنهنجو T.V چينل کولي، فلمن درامن، ڳائڻ وڄائڻ، موسيقي جي ڌُنن ۽ عورتن جي نمائش کان بچندي 100 فيصد اسلامي مواد فراهم کرڻ ممکن

www.dawateislami.net

آهي تہ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي **مرڪزي مجلسِ شُورٰي** خوب جدوجهد ڪري رمضانُ المبارک 1429ھ سيپٽمبر (2008) کان مدني چينل جي ذريعي گهر گهر سنّتن جو پيغام عام ڪرڻ شروع ڪري ڏنو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي ان جا حيرت انگيز مدني نتيجا سامهون اچڻ لڳا.

مَدَنی چینل کی مُہِم ہے نفس وشیطاں کے خلاف جو بھی دیکھے گا کرے گا اِنْ شَآءَ اللّٰه اِعتراف
نَفْسِ اَمّارہ پہ ضَرب ایسی لگے گی زور دار شرمِ عصیاں کے سبب ہوگا گنہگار اَشکبار

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان بہ پنهنجي گهروارن، رشتيدارن ۽ دوستن کي مدني چينل ڏسڻ جي ترغيب ڏياريو، گناهن ڀريا چينل ڏسڻ سان پاڻ بہ بچو ۽ ٻين کي بہ بچايو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني چينل تي معاشري ۾ موجود انهن تمام بُرائين جي نشاندهي ڪئي ويندي آهي جيڪي دُنياوي نُقصان سان گڏوگڏ بروزِ قيامت ۾ بہ ذِلّت ۽ رُسوائي جو سبب بڻجنديون. اسان بہ نِيت ڪيون تا تہ اڄ کان پوءِ گناهن ڀريا چينل نہ ڏسنداسين ۽ نہ گُناهن جي قريب ويندا سين بلڪ خالص اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رضا ۽ خُوشنودي جي لاءِ خوب خوب نيڪيون ڪنداسين.

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي پنهنجي نِيت تي ثابت قدم رهندي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان ٻڌو تہ

- بُري صحبت ۾ ويهڻ وارو معاشري ۾ نشانِ عبرت بڻجي ويندو آهي،
- بُري صحبت ۾ ويهڻ وارو هميشہ نقصان ئي ڪٽندو آهي.
- بدمذهبن جي صحبت ايمان جي لاءِ زهرِ قاتل آهي.
- جڏهن تہ چگّن جي صحبت ۾ دنيا ۽ آخرت جي بهتري آهي

www.dawateislami.net

❖ والدين جي ذميداري آهي تہ اولاد کي سني صحبت فراهم ڪن

❖ بُري صحبت کان بچڻ جي نقصانن کان باخبر ڪن.

❖ نيڪ ماڻهن جي صحبت جي برڪت سان انسان تہ انسان جانور بہ محروم نٿا رهن.

الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجن نيڪ بانهن جي صدقي اسان کي بہ سني صحبت نصيب فرمائي ۽ بُري صحبت کان بچندي ٻين کي بچائڻ جي سعادت نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاہ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٹامٹا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۹۷/۱،حديث:۱۷۵)

سينہ تری سنّت کا مدينہ بنے آقا جنّت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ڳالهہ ٻولهہ جون سنتون ۽ آداب

آئي ے! شيخ طريقت، اميراهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي "101 مَدَني گل" سان ڳالهہ ٻول ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا:

❀ مسڪرائي ۽ خوش اخلاقيءَ سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ سنّت آهي ❀ مسلمانن جي دلجوئي جي نيّت سان ننڍن سان شفقت وارو ۽ وڏن سان ادب وارو لهجو اختيار ڪيو. ❀ وڏي آواز سان ڳالهائڻ کان بيحد احتياط ڪريو ❀ چاهي هڪ ڏينهن جو ٻار هجي سنين سنين نيتن سان ان سان بہ اوهان توهان سان گفتگو

www.dawateislami.net

ڪرڻ جي عادت بڻايو، اوهان جا اخلاق بہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ عمدا ٿيندا ۽ بار بہ آدب سکندو ❀ ڳالھ بولھ ڪرڻ وقت پردي جي جاءِ تي ھٿ لڳائڻ، آڱرين سان بدن تان مير لاھڻ، ٻين جي سامھون بار بار نڪ کي ھٿ لڳائڻ، يا نڪ يا ڪن ۾ آڱر وجھڻ، ٿُڪ اڇلائڻ سڀني ڳالھ ناھي❀ جيستائين ٻيو ڳالھائي رھيو ھجي تہ اطمينان سان ٻُڌو، ان جي ڳالھ ڪٽڻ کان بچو ۽ ڳالھ بولھ دوران ٽھڪ ڏيڻ سنت نہ آھي ❀ ڳالھائڻ وقت ھميشہ ياد رکو گھٽيون ڳالھيون ڪرڻ سان رعب ختم ٿي ويندو آھي❀ ڪنھن سان ڳالھ بولھ ڪجي تہ ان جو ڪو صحيح مقصد بہ ھئڻ گھرجي ۽ ھميشہ مخاطب جي ظرف ۽ ان جي نفسيات جي مطابق ڳالھ ڪئي وڃي ❀ بدزباني ۽ بي حيائي جي ڳالھين کان ھر وقت پرھيز ڪريو، گارگند کان بچندا رھو ۽ ياد رکو تہ ڪنھن مسلمان کي بنا اجازتِ شرعي گار ڏيڻ حرامِ قطعي آھي. (فتاوٰی رضویہ ، ۱۲۷/۲۱) ۽ بي حيائي جي ڳالھ ڪرڻ واري تي جنّت حرام آھي. تاجدار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”اُن شخص تي جنت حرام آھي جيڪو فُحش گوئي (بي حيائي جي ڳالھ) کان ڪم ونڊي ٿو.“ (کتابُ الصَّمْت مع موسوعۃالامام ابن ابی الدنیا، ۲۰۴/۷ حدیث: ۳۲۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون ھزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مکتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بھار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب“**سنتيں ۽ آداب**” ھديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙھو. سنتن جي تربيت جو ھڪ بھترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن پريو سفر آھي.

مجھ کو جذبہ دے سفر کا کرتارہوں پروردگار سنتوں کی تربیت کے قافلے میں بار بار

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

(1) جمعي جي رات جو دُرود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

(2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

(3) رَحمت جا ستر دروازا

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

(4) ڇهلک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيْهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِى کن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ پيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

(5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ءِ صِدّيقِ اڪبر رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وڇ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[3]

(6) دُرُود شَفَاعت

---

[1]...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125

www.dawateislami.net

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُما کان روايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

(2) ڇٽ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللہ عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي پيرا پڙهيو ڇٽ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساكر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... الترغيب والترهيب، ج ۲، ص ۳۲۹، حديث ۳۱

[2] ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net